# عِبرت جا نمونا

22-February-24



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

22 فيبروري، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# عِبرت جا نمونا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... دنيا تہ هڪ دوکو آهي

✿... عبرت جي نگاهہ جي متعلق اولياءِ ڪرام جا فرمان

✿... امام حسن بصري رَحمَۃُ اللہِ عَلیہ جي نصيحت

✿... قبر جو جواب

پيشڪش
اَلمَدِينَۃُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

For Feedback: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرتِ شيخ احمد ثابِت مَغربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان قبلي رُخ تي ڪري، پٽ ڪان ٽيڪَ لڳائي درودِ پاڪ جي موضوع (Topic) تي مضمون لکي رهيو هيس، انهيءَ دوران مون کي ننڊ اچڻ لڳي. مون خواب ۾ ڏٺو ته مان هڪ ويران جڳهه (Deserted Place) تي آهيان جتي ڪا عمارت ناهي ڪجهه ماڻهو جامع مسجد جي دروازي تي موجود آهن ۽ باقي مسجد جي اندر، مان اندر ويس ۽ انهن جي وچ ۾ ويهي رهيس، اتي مون هڪ حَسين و جميل نوجوان کي ڏٺو، جنهن جي چهري تي نيڪ بختي جا آثار ظاهر هئا.

مون چيو: اوهان جو نالو ڇا آهي؟ ان چيو: منهنجو نالو رومان آهي ۽ مان الله رَحمٰن جي ملائڪن مان آهيان. ان تي مون سوال ڪيو: ته پوءِ اوهان ماڻهن ۾ ڇو آيا آهيو؟ فرمايائون: هي سڀئي ماڻهو نه بلڪ ملائڪَ آهن.

مون عرض ڪيو: حُضور هي فرمايو ته هنن ملائڪن ۾ ڪير ڪير آهن؟ فرمايائون: ❁هنن ۾ حضرت جبرائيل عَلَيهِ السَّلام، ❁حضرت ميڪائيل عَلَيهِ السَّلام، ❁حضرت اسرافيل عَلَيهِ السَّلام ❁ ۽ حضرتِ عزرائيل (يعني مَلڪ الموت)عَلَيهِ السَّلام آهن. مون عرض ڪيو: مان حضرت عزرائيل عَلَيهِ السَّلام جي زيارت ڪرڻ چاهيان ٿو. فوراً هڪ صاحب اٿيو، اهو به نهايت حسين ۽ جميل هو، فرمايائون: مان الله پاڪ جو ٻانهو عزرائيل آهيان. مون حضرت عزرائيل عَلَيهِ السَّلام کي عرض ڪيو:

مان اللّٰه پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو واسطو ڏئي ڪري عرض ڪريان ٿو ته اوهان منهنجو ساهه ڪڍڻ وقت مون تي نرمي ڪجو. فرمايائون: (ان جي لاءِ) رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهندو ڪر.**[1]

اي عاشقانِ رسول! هن واقعي مان خبر پئي ته دُرودِ پاڪ پڙهڻ جون جتي بيون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، اتي اللّٰه پاڪ جي رحمت مان اميد آهي ته ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهڻ واري جو روح نڪرڻ وقت به آساني ٿيندي. جيڪڏهن دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي برڪت سان موت جي وقت روح جو جسم کان جُدا ٿيڻ ۾ نرمي ۽ آساني نصيب ٿي وڃي ته يقين ڪيو هي نهايت ئي سَستو سودو آهي، ان ڪان ڪڏهن به غفلت نه ڪرڻ گهرجي.

جان نکلے تو اس طرح نکلے
تجھ پر اے غمزدوں کے یار درود

دل میں جلوے بسے ہوئے تیرے
لب سے جاری ہو بار بار درود(2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.(3)

پيارا اسلامي ڀائرو! چڱي نيت ٻانهي کي جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون نيتون ڪري ونو، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته اِنۡ شَآءَ اللّٰه چئي ان جو اظهار ڪريو: ❁ عِلۡم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ عِلمِ دين جو ادب

---

1 … سعادة الدارين،الباب الرابع ،اللطيفة السادسة، صفحه:124 -125 ملتقطًا و ملخصاً۔
2…ذوقِ نعت، صفحه:125 ۔
3…بخاری، کِتَاب:بَدءُ الۡوَحِی، صفحه:65، حديث:1۔

ڪندي اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❁ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهيون، گهر وڃي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

## ہِ عجيب واقعا

تابعي بزرگ حضرت وَهب بن مُنبِّہ رَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو الله پاڪ جي نبي حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَيهِ السَّلَام کي حڪم ٿيو: اي ابراهيم! سفر جو سامان ٻڌو! زمين ۾ سفر ڪيو ۽ اسان جي قدرت جا عجائب ڏسو! حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام حڪم تي عمل ڪيو، سامان تيار ڪيائين ۽ سفر تي روانو ٿي ويا.

(1) هلندي هلندي پاڻ سمندر جي ڪناري جي ويجهو پهتا، اُتي ڪين هڪ غُلام نظر آيو جيڪو ٻڪريون ڪاهي وڃي رهيو هو. حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام ان کان پڇيو: اي غلام! ڇا تو وٽ پاڻي يا کير آهي؟ عرض ڪيائين: جي آهي. اوهان جيڪو پسند فرمايو، اهوئي پيش ڪيان. فرمايائون: مون کي پاڻي پياريو! هاڻي هن غلام عصا (يعني لٺ) هٿ ۾ کنئي، ويجهو ئي هڪ ڇِپ(يعني ڇٽان) وٽ ويو، اُتي بيهي ڪري ڪجهه چيائين، پوءِ پنهنجي لٺ اُن ڇِپ تي هنيائين تہ فوراً ڇپ مان پاڻي جو چشمو جاري ٿي ويو. ان چشمي مان پاڻي ڀري اچي حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام جي خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام پاڻي پيتائون، پوءِ حيرانگي سان ان غلام کي ڏسڻ لڳا. غلام عرض ڪيو: ڇا اوهان کي ڇٽان مان چشمو وهندي ڏسي حيرت ٿي رهي آهي؟ فرمايائون: چونہ حيراني ٿيندي(يعني ڳالهہ حيران ڪندڙ آهي تہ حيراني ئي تہ ٿيندي)؟ غلام عرض ڪيو: مان اوهان کي اُن جو راز ٻڌايان ٿو. مون کي خبر ملي آهي تہ الله پاڪ جا هڪ نبي آهن، الله پاڪ ان کي پنهنجو خليل بڻايو آهي. مان ان خليل الله عَلَيهِ السَّلَام جي وسيلي سان جيڪو ڪجهه گهرندو آهيان، الله پاڪ مون کي عطا فرمائي ڇڏيندو

آهي(هاٽي بہ مون انهيءَ جو وسيلو ڏئي ڪري ڇپ تي لٽ هڻئي تہ ان مان چشمو وهي نڪتو). هي ٻڌي ڪري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اي غلام! مان اهو ئي خليل آهيان، جنهن کي اللّٰہ پاڪ پنهنجو خليل بڻايو آهي. اللّٰهُ اڪبر! هي ٻڌي ڪري تہ اُن غلام جي خوشي جي ڪا انتها نہ رهي، جيئن چوندا آهن:

وہ آئے ہمارے گھر خدا کی قدرت ہے | کبھی ہم ان کو کبھی اپنے گھر کو دیکھتے ہیں

هُو دل ئي دل ۾ پنهنجي قسمت تي فخر ڪري رهيو هو، جيئن تہ ان هن سان خوشي ۽ حيرت وچان پڇيو: ڇا واقعي ئي اوهان خليل اللّٰہ آهيو؟ فرمايائون: مان ئي خليل اللّٰہ آهيان. بس ايترو ٻڌڻو هو تہ اهو غلام بيهوش ٿي ڪِري پيو ۽ انهيءَ وقت دم نڪري ويو.

روايت ۾ آهي: اُن وقت آسمان مان هڪ نُور لٿو، اُن نور خوش نصيب غلام جي لاش کي ڍڪي ڇڏيو، جڏهن اهو نُور هٽي ويو تہ خبر ناهي غلام جي لاش کي آسمان تي کنيو ويو يا زمين ۾ دفن ڪيو ويو.

(2): پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اڳتي روانا ٿيا، هلندي هلندي پاڻ هڪ جبل تي پهتا، اُتي هڪ گهر هو، جنهن جا بہ دروازا هئا، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام اندر داخل ٿيا، اندر هڪ تخت هيو، اُن تخت جي مٿان ڪنهن مرد جو لاش رکيل هو. ان جي مٿان 70 خوبصورت ڪپڙا وِڌل هئا، مٿي پرسان هڪ تختي رکيل هئي، اُن تختي تي لکيل هو: مان شَدّاد بن عاد آهيان ❁ مان هڪ هزار سال زنده رهيس. ❁ مون هڪ هزار لشڪرن کي شڪت ڏني❁ هڪ هزار ڪنوارين ڇوڪرين سان نڪاح ڪيو❁ مون ئي شهر اِرم بڻايو. پر افسوس! جڏهن منهنجي موت جو وقت آيو تہ منهنجون سيئي تدبيرون ناڪام ٿي ويون❁ مون سڄي دنيا مان ڊاڪٽرن کي پنهنجي محل ۾ جمع ڪيو پر انهن مان ڪوبہ منهنجي موت کي ٽاري نہ سگهيو، پوءِ جنهن مون کي ڏٺو، ان کي دنيا جي دوکي ۾ نہ اچڻ گهرجي. اي

انسانو! پاڻ تي دنيا جا دروازا بند رکو۞ توهان ايتري بادشاهت جا مالڪ ناهيو، جنهن جو مالڪ مان هيس ۞ توهان ايترو عرصو زنده نہ رهندا جيترو عرصو مان رهيس۞ توهان ايترو جمع نہ ڪري سگهندا، جيترو مون جمع ڪيو، ها! ها! پڌو....!! دنيا دوکيباز آهي، قاتل آهي، پنهنجي طلبگار ڪي رانديڪو بڻائيندي آهي، هي عجوبو ڏسي ڪري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام واپس تشريف ڪٺي ويا. (1)

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار
تُو اچانک موت کا ہو گا شکار
موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ!
جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!
گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے
قبر میں تنہا قیامت تک رہے
جب فرشتہ موت کا چھا جائے گا
پھر بچا کوئی نہ تجھ کو پائے گا
موت آئی پہلواں بھی چل دیئے
خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے
دنیا میں رہ جائے گا یہ دبدبہ ترا
زور تیرا خاک میں مل جائے گا(2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!   صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان 2 حيرت انگيز واقعا ٻڌا، انهن ٻنهي واقعن مان اسان کي 2 اهم سبق سکڻ جي لاءِ ملن ٿا.

## (1) دعا جوهڪ اَدب: وسيلو

پيارا اسلامي ڀائرو! پهريون واقعو ان خوش قسمت غلام جو هو، جنهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي زيارت نہ ڪئي هئي پر هو سندن عاشق هو ۽ ڏسو! ان جو عقيدو ڪيترو مضبوط هيو، يقين ڪيترو اعليٰ هيو، هُو حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو وسيلو ڏئي ڪري دعائون ڪندو هيو تہ سندن دعائون قبول ٿينديون هيون.

---

1...نَوَادِرِ القليوبی، الحکاية الحادية و الثلاثون بعد المائة...الخ، صفحه:97، 98۔
2... وسائلِ بخشش، صفحه:711 ملتقطاً۔

سُبْحٰنَ الله! چا شان آهي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو.....!! ❁ پاڻ الله پاڪ جا نبي آهن ❁ ربّ رحمٰن کين پنهنجو خليل بڻايو آهي ❁ پاڻ ابُوالانبياء(يعني هزارين نبين جا والد محترم) آهن ۽ اسان جا پيارا نبي، رسول هاشمي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به سندن ئي جي اولاد آهن❁ کم و بيش هڪ لک 24 هزار انبياءِ ڪرام دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا، انهن ۾ سڀني کان افضل، سڀني کان اعليٰ، سڀني کان بلند رُتبي وارا نبي، اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، سندن کان بعد نبين ۾ سڀني کان اوچو مرتبو حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو آهي❁ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي وسيلي سان دعائون قبول ٿينديون آهن. حضرت ڪَعۡبُ الاحبار رَضِىَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن سبب توهان مديني شريف حاضري نہ ڏئي سگهو تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مزار پُرانوار تي حاضر ٿي وڃو! اُتي سلام پيش ڪيو! دعائون گهرو! بيشڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مزار پُرانوار وٽ دعائون قبول ٿينديون آهن.[1]

حضرت مُجِيرُ الدّين حنبلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مون کي ڪا مشڪل پيش آئي، جيڪڏهن هي مشڪل حل نہ ٿئي ها تہ شايد مان هلاڪ ٿي وڃان ها. جيئن تہ مان هن مشڪل جي حل جي لاءِ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مزار پُرانوار تي حاضر ٿيس، مزار پُرانوار جي غلاف سان چنبڙي دعا گهري، سُبْحٰنَ الله! بس دعا ڪرڻ ئي جي دير هئي، الله پاڪ ڪرم فرمايو ۽ منهنجي پريشاني کي دور ڪري ڇڏيو.[2]

## محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وسيلو ڪم اچي ٿو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي وسيلي جو هي شان آهي تہ ان کان بہ افضل نبي، رسول هاشمي، محمد عربي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي جو

1 الانس الجليل، ذکر فضل سيدنا الخليل...الخ، جلد:1، صفحه:139
2...الانس الجليل، ذکر فضل سيدنا الخليل...الخ، جلد:1، صفحه:140 بتصرف قليل۔

چا شان هوندو...!! ان جي وسيلي سان دعا ڪئي وڃي ته ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿينديون. حديثِ پاڪ ۾ آهي: صحابي رسول حضرت عثمان بن حنيف رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو هڪ نابينا صحابي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: اي محبوب نبي صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا فرمايو ته منهنجون اکيون نيڪ ٿي وڃن.

(سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو، صحابه ڪرام رضی اللہ عنهم جو عقيدو هيو ته يقيناً دعا الله پاڪ ئي ٻڌندو آهي، سيني جي ٻڌندو آهي پر جهڙي پنهنجي محبوب صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّم جي ٻڌندو آهي، اهڙي ڪنهن جي ناهي ٻڌندو...!!)

| | |
|---|---|
| اس کی بخشش، ان کا وسیلہ | دیتا وہ ہے، دِلاتے یہ ہیں |

خير! صحابي رسول رضی اللہ عنہ دعا جي درخواست ڪئي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّم ان جي لاءِ دعا نه ڪئي بلڪ اسان غلامن تي ڪرم ڪندي ان کي هڪ دعا سيکاري ته جيئن قيامت تائين سندن غلام هن دعا مان برڪتون حاصل ڪندا رهن. جيئن ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّم فرمايو چڱي طرح وضو ڪيو! پوءِ ٻه رڪعت نماز پڙهو! پوءِ هيئن دعا ڪيو!

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡئَلُكَ وَاَتَوَجَّهُ اِلَيۡكَ بِمُحَمَّدٍ نَبِیِّ الرَّحۡمَةِ يَا مُحَمَّدُ اِنِّیۡ اَتَوَجَّهُ بِكَ اِلٰی رَبِّیۡ فِیۡ حَاجَتِیۡ هٰذِهٖ لِتُقۡضٰی اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعۡهُ فِیَّ

اي الله پاڪ! مان توکان سوال ڪيان ٿو ۽ تنهنجي محبوب، نبيِ رحمت محمد صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان تنهنجي حضور ۾ متوجهه آهيان، اي محمد صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّم ! مان اوهان جي وسيلي سان پنهنجي ربّ جي حضور ۾ متوجهه آهيان ته جيئن منهنجي هي حاجت پوري ٿي وڃي. اي الله پاڪ منهنجي حق ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّم جي سفارش قبول فرماءِ.

صحابي سڳورا فرمائن ٿا: اهو صحابي اتان ڪان اٿيو، وضو ڪيائين، 2 رڪعت نماز ادا ڪئي، پوءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيکاريل دعا گهري، اسان اڃا اُٿي ئي وينا هئاسين تہ هُو واپس بہ اچي ويو پر واه! سُبْحٰنَ الله! جڏهن ويا هئا تہ نابينا هئا ۽ جڏهن واپس موٽيا تہ كَاَنَّهٗ لَمْ يَكُنْ بِهٖ ضَرٌّ قَطُّ هاڻي ايئن هئا جيئن انهن کي ڪڏهن ڪا تڪليف ٿي ئي نہ هئي.[1]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي وسيلي جي برڪت...!! هي مبارڪ نماز جيڪا رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْه کي سيکاري، ان کي نمازِ حاجت چوندا آهن. ❁ هي مُجَرَّب (يعني تجربي مان ثابت ٿيل)عمل آهي ❁ چاهي ڪيتري ئي مشڪل هجي ❁ پريشاني هجي ❁ مصيبت هجي ❁ ڪا جائز خواهش ❁ تمنا ❁ آرزو پوري نہ ٿي رهي هجي ❁ امتحان ۾ ڪاميابي گهرجي ❁قرض لاهڻو هجي ❁ شفا گهرجي ❁نمازن ۾ دل لڳائڻو هجي ❁ گناه ڇڏي ڪري نيڪ ٻانهو بڻجڻو هجي مطلب تہ ❁ ديني ❁دنياوي ڪابہ حاجت هجي، انهيءَ انداز سان تازو وضو ڪيو، 2 رڪعت نماز ادا ڪيو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان، سندن سيکاريل طريقي جي مطابق دعا گهرو، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! هر حاجت پوري ٿيندي،

هن مان اسان کي سبق مليو تہ ❁ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ❁اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ❁ ۽ الله پاڪ جي نيڪ، پسنديده ٻانهن جي وسيلي سان دعا ڪرڻ بلڪل جائز آهي ۽ هن ذريعي سان دعا جلد قبول ٿي ويندي آهي. ياد رکو! الله پاڪ جي بارگاه ۾ نيڪ ماڻهن جو وسيلو پيش ڪرڻ دعا جي آداب مان هڪ

---

1 مستدرڪ، ڪتاب الدعاء...الخ، باب دعاء رد البصر...الخ، جلد:2، صفحه:212، 213، حديث:1973۔

اَدب آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳولهيو. (پاره:6، اَلْمَآئِدہ:35)

## (2): شَدّاد جي جنت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پيو جيڪو عجوبو (يعني عجيب ڳالهه) جيڪا ڏٺي، اها شدّاد جي لاش هئي. شدّاد ڪير هو؟ شدّاد وڏو رعب ۽ دٻدٻي وارو بادشاهه هيو، هي غير مسلم هو. اسان جي عبرت ۽ نصيحت جي لاءِ قرآنِ ڪريم ۾ به ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ﴿٦﴾ اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ﴿٧﴾ الَّتِيْ لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ ﴿٨﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا تو نه ڏٺو ته تنهنجي ربّ عاد سان ڇا ڪيو؟ ارم (جا ماڻهو)، ٿنين (ڊگهي قد) وارا. جو انهن جهڙو شهرن ۾ پيدا نه ٿيو.

(پاره:30 الفجر:6-8)

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: شدّاد جنت جو ذڪر ٻڌو هو، تنهنڪري ان سرڪشي طور دنيا ۾ جنت ٺاهڻ جو ارادو ڪيو. جيئن ته ان هڪ عظيم شهر ٺاهيو، جنهن جا محل سون ۽ چانديءَ جي سرن سان نهرايا ويا، زبرجد ۽ ياقوت جا ستون بيهاريا ويا، پٿرين جي جڳهه خوبصورت موتي وڇايا ويا. هر محل جي آسپاس جواهرات وڇائي ڪري مٿان نهرون جاري ڪيون ويون، قسم قسم جا وڻ لڳايا ويا.[1] مطلب ته اهڙو عظيم شهر ٺاهيو ويو جو هن جهڙو شهر وري دنيا ۾ ڪڏهن نه ٺهيو، جڏهن هي شهر مڪمل ٿي ويو ته ڇا ٿيو؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

1 صراط الجنان، پاره:30، سورة الفجر، زير آيت:8، جلد:10، صفحه:663 بتصرف قليل

فَصَبَّ عَلَيۡهِمۡ رَبُّكَ سَوۡطَ عَذَابٍ ﴿۱۳﴾ اِنَّ رَبَّكَ لَبِالۡمِرۡصَادِ ﴿۱۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ انهن تي تنهنجي رَبّ عذاب جو چهبُڪ وهايو. بيشڪ تنهنجو ربّ يقيناً ڏسي رهيو آهي.(پاره:30 الفجر:13، 14)

الله! الله! هي آهي عبرت جي ڳالهه ...!! شدّاد وٽ ڪيتري طاقت هئي، ڪيترو مال ۽ دولت هئي، قرآن ڪريم فرمائي رهيو آهي تہ جهڙو شهر ان ٺاهيو هو، اهڙو شهر دنيا ۾ ٻيهر ڪڏهن نہ ٺاهيو ويو، ايترو مال ۽ دولت...!! ايتري قُوّت پر انجام...!! ڪيترو خطرناڪ ٿيو.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بونے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تونے
جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا تہ هڪ دوکو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جو ٻيو نالو دارُالغُرور آهي. هي هڪ دوکي جو مقام آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَاۤ اِلَّا مَتَاعُ الۡغُرُوۡرِ ﴿۱۸۵﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ دنيا جي زندگي تہ صرف دوکي جو سامان آهي.

(پاره:4، ال عمران:185)

❁ اسان هي سمجهون ٿا اسان طاقتور آهيون ❁اسان سمجهون ٿا تہ اسان جوان آهيون ❁ اسان سمجهون ٿا تہ اسان وٽ پيسو ڍوڪڙ آهي، مال آهي،

دولت آهي، بينڪ بيلنس آهي ❁ وڏو عهدو آهي ❁ڪنهن کي وڏيون اميدون بوڙي وڌنديون آهن❁ ڪو پنهنجي هوشياري ۽ چالاڪي تي فخر ڪندو آهي ❁ ڪنهن کي چڱي آواز تي تڪبر هوندو آهي ❁ ڪو پنهنجي عقل جي غرور ۾ ٻڏل هوندو آهي بلڪ مولانا رُوم رحمۃُ اللہِ علیہ چيو هو:

نفسِ کَس را فِرعَون نیست

لیک اُو را عَون کَس را عَون نیست

يعني ڪير آهي جنهن جي اندر جو نفس فرعون ناهي. فرق صرف ايترو آهي اُن فرعون کي تخت مليو هو، هرهڪ کي تخت ناهي ملندو.

مطلب ته اسان نه ڄاڻ ڪنهن غرور ۾ آهيون پر افسوس! هي دنيا دوکو آهي، وقت گذرندي ڪا خبر ئي ناهي پوندي، آخر حضرت عزرائيل علیہِ السّلام تشريف ڪٺي ايندا آهن، آخري هڏڪي ايندي آهي، ساهه اٽڪندو آهي ۽ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو آهي، ڪيڏانهن وئي دولت، ڪيڏانهن وئي جواني، ڪيڏانهن وئي طاقت ۽ ڪيڏانهن ويو اهو عهدو.....!!

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار
تُو اچانک موت کا ہوگا شکار

موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ!
جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!

گر جہاں میں و برس تُو جی بھی لے
قبر میں تنہا قیامت تک رہے

جب فرشتہ موت کا چھا جائے گا
پھر بچا کوئی نہ تجھ کو پائے گا

موت آئی پہلواں بھی چل دیئے
خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے

دنیا میں رہ جائے گا یہ دبدبہ تِرا
زور تیرا خاک میں مل جائے گا

تیری طاقت تیرا فن عُہدہ تِرا
کچھ نہ کام آئے گا سرمایہ تِرا[1]

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:711 ملتقطاً۔

# گذريل قومن جو عبرتناڪ انجام

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ مَا لَمْ نُمَكِّنْ لَّكُمْ وَ اَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَيْهِمْ مِّدْرَارًا ۪ وَّ جَعَلْنَا الْاَنْهٰرَ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ۝۶

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا انهن نہ ڏٺو تہ اسان انهن کان پهريان ڪيترين قومن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو، انهن کي اسان زمين ۾ اها قوت ۽ طاقت عطا فرمائي هئي. جيڪا توهان کي نہ ڏني ۽ اسان انهن تي زوردار مينهن وسايو ۽ انهن جي هيٺان نهرون وهايون پوءِ انهن جي گناهن جي سبب انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ انهن کان بعد ٻيون قومون پيدا ڪيون.(پاره:7الانعام:6)

قومِ عاد! ❁ وڏي طاقتور قوم هئي❁ انهن جا ڊگها قد هئا ❁ وڏا وڏا جسم هئا ❁ هي جبلن کي ڪتري پنهنجا محل ناهيندا هئا ❁ الله پاڪ انهن کي مال و دولت کان نوازيو ❁ نعمتون عطا فرمايون پر انهن نافرماني ڪئي ❁ الله پاڪ جي نبي حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪوڙو چيو ❁ ڪفر تي اَڙيا❁ ضِدّي بڻجي ويا ❁ آخر انهن تي ربّ قهّار جو قهر ڪِريو ❁ الله پاڪ انهن تي آنڌهي جو عذاب موڪليو ❁ هي نهايت سرد ❁ خشڪ ❁ خيروبرڪت کان خالي ❁ ۽ سخت سناٽيدار آنڌي هئي ❁ ان جي شدت جو حال هي هيو جو ماڻهن کي زمين کان ايئن اڏاري ڇڏيندي هئي جڻ تہ اهي ڪجين جا سُڪل ٿڙ هجن ❁ پوءِ انهن کي مٿي پر زمين تي اهڙي طرح هڻندي هئي جو انهن جا ٽڪڙا ٽڪڙا ٿي ويندا هئا ❁ 8 ڏينهن تائين هي آنڌي لڳيتو هلندي رهي ۽ **ان قوم عاد جو نالو**

۽ نشان تائين مٽائي ڇڏيو.[1]

قومِ ثمود! ❁ تعمير جي فن جي ماهر هئي❁ الله پاڪ انهن کي ڪوڙ نعمتن سان نوازيو هو ❁ حضرت صالح عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڪوڙو چيو ❁ ڪفر تي اڙيا، گناهن جي بازار گرم ڪئي❁ آخرڪار انهن تي بہ قهرِ الٰهي نازل ٿيو❁ انهن تي سخت زلزلي جو عذاب موڪليو ويو❁ جنهن سان هي هميشہ جي لاءِ فنا ٿي ويا.[2]

نمرود! ❁ ڪيترو رعب ۽ دبدبي وارو بادشاهہ هيو❁ الله پاڪ ان کي تاج ۽ تخت عطا ڪيو پر ان نافرماني ڪئي ❁ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جون گستاخيون ڪيائين ❁ آخر ان تي عذاب آيو ❁ الله پاڪ ان بدانجام ۽ ان جي فوج کي مڇرن جي ذريعي هميشہ جي لاءِ فنا ڪري ڇڏيو.[3]

فرعون! ❁ ڪيترو طاقتور هو، اُن نافرماني ڪئي❁ اُن جي بادشاهت ان جي ڪجھ ڪم نہ آئي ❁ طاقت ❁ قُوَّت ❁ تاج ۽ تخت ❁ فوج ❁ ايڏو وڏو لشڪر ڪجھ نہ ڪري سگھيو ۽ فرعون پنهنجي ڪافر قوم سميت درياءَ ۾ غرق ٿي ويو.[4]

## بادشاهن جون ڪوپڙيون

حضرت سڪندر ذُوالقرنين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جو ذڪر قرآنِ ڪريم ۾ بہ آيو آهي، هي بہ تمام وڏا بادشاهہ هئا. هڪ ڀيرو انهن اوڀر ۽ اولھ جو سفر ڪيو. روايت ۾ آهي: هڪ ڀيرو هي هڪ اهڙي شهر ۾ پهتو، اُتي ماڻهن وٽ دنياوي مال بلڪل بہ نہ هو، انهن قبرون تيار ڪري رکيون هيون، جڏهن صبح ٿيندي هئي تہ هو قبرن ڏانهن ايندا هئا، ان جي ياد تازي ڪندا هئا، انهن کي صاف ڪندا ۽

1 سيرت الانبياء، صفحہ:204تا223 ملخصاً
2 سيرت الانبياء، صفحہ:232 تا 247 ملخصاً۔
3 سيرت الانبياء، صفحہ:299 بتصرف۔
4...سيرت الانبياء، صفحہ:596 بتصرف۔

انهن جي ويجهو نمازون پڙهندا رهندا هئا. هي عجيب ماڻهو هئا، گاهه پن ۽ سبزيون وغيره کائي ڪري پيٽ پريندا هئا ۽ الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. حضرت سڪندرذوالقرنين رحمۃ اللہ علیہ انهن جي سردار وٽ تشريف کڻي آيا، سلام دعا کان پوءِ چيائين: ❁ مان توهان کي اهڙي حالت ۾ ڏسي رهيو آهيان جو ڪنهن قوم کي هن حالت ۾ ناهي ڏٺو. سردار چيو: ڪهڙي حالت جي ڳالھ ڪري رهيا آهيو؟ فرمايائون: اها ئي تہ توهان وٽ دنياوي مال ۽ متاع ڪجھ بہ نہ آهي. سردار چيو: اسان سون چاندي جمع ڪرڻ کي برو سمجهندا آهيون چوتہ جنهن کي هي شيون ملنديون آهن، تہ اهو هن ۾ مشغول ٿي آخرت کي ويساري ڇڏيندو آهي. ❁ پاڻ رحمۃ اللہ علیہ پڇيو: توهان گاهه پن ۽ سبزيون وغيره ئي ڇو کائيندا آهيو؟ سردار چيو: ڪاڏو جڏهن نڙي کان هيٺ لهي ويندو آهي(چاهي اهو ڪيترو ئي بهترين هجي) پوءِ ان جو ڪو مزو باقي ناهي رهندو.

ان سوال جواب کان پوءِ سردار هٿ وڌائي هڪ کوپڙي کنئي ۽ چيو: اي ذُوالقرنين! ڇا اوهان کي خبر آهي هي ڪير آهي؟ فرمايائون: نہ. سردار چيو: هي هڪ بادشاهہ هو. الله پاڪ ان کي دنيا وارن تي بادشاهي عطا فرمائي هئي پر اُن ظلم ۽ ستم ڪيو ۽ سرڪش بڻجي ويو. پوءِ ڇا ٿيو، آخر هڪ وقت آيو، ان جو بہ روح نڪتو ۽ هي مري ويو. هاڻي هي رستي ۾ پيل پٿر جيان بلڪل بيڪار آهي. ها! **ان جان اعمال شمار ڪيا ويا آهن، جن تي آخرت ۾ ان کي سزا ڏني ويندي.** ايترو چوڻ کان پوءِ سردار هڪ ٻي کوپڙي کنئي ۽ چيو: اي ذُوالقرنين! ڇا اوهان کي خبر آهي هي ڪير آهي؟ فرمايائون: مان نٿو ڄاڻان، ٻڌايو! هي ڪير آهي، سردار چيو: هي بہ هڪ بادشاهہ هو. هي پهريان واري بادشاهہ جا ظلم ۽ زيادتيون ڏسي چڪو هو، تنهنڪري اُن عاجزي اختيار ڪئي، الله پاڪ کان ڊنو ۽ عدل و انصاف سان حڪومت ڪندو رهيو. **آخرڪار** هن کي موت اچي ويو، ان جا بہ اعمال شمار ڪيا ويا، آخرت ۾ ان کي انهن

اعمالن جو بدلو ڏنو ويندو.[1]

| | |
|---|---|
| ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے | مکیں ہو گئے لامکاں کیسے کیسے |
| ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے | زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے |
| جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے |

## دنيا عبرت جو مقام آهي

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! سچ چوان ٿو: تہ هي دنيا عيش ۽ عشرت ناهي، دنيا عبرت ۽ نصيحت آهي. هتان جو هر ذرو ذرو عبرت جي داستان ٻڌائي رهيو آهي. ❁ هي چنڊ ❁ هي سج ❁ هي تارا ❁ هي چمڪندڙ ڏينهن ❁ هي اونداهي راتيون ❁ هي لهندڙ جواني ❁ ايرندڙ پوڙهائپ ❁ هي ڪڇندڙ جنارا ❁هي وڌندڙ قبرستان جي آبادي ❁ هر طرف عبرت ئي عبرت آهي ❁ ايستائين جو اسان جا گهر جتي اسان رهون ٿا ❁ اسان جو پنهنجو وجود ان سيني ۾ عبرت آهي، نصيحت آهي..!! جيڪڏهن اسان هي نصيحت وٺڻ وارا بڻجي وڃون. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو:

وَّ سَكَنْتُمْ فِيْ مَسٰكِنِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ وَ تَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَ ضَرَبْنَا لَكُمُ الْاَمْثَالَ ﴿۴۵﴾

**ترجمو ڪنز العرفان:** ۽ توهان انهن جي گهرن ۾ رهيؤ جن پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪيو هو ۽ توهان جي لاءِ بلڪل واضح ٿي ويو هو تہ اسان انهن جو ڪهڙو حال ڪيو ۽ اسان توهان جي واسطي مثال بيان ڪيا.(پاره:13، ابراہیم:45)

---

1...مڪاشفة القلوب، الباب التاسع و الخمسون...الخ، صفحہ:216 ـ

اي عاشقانِ رسول! عبرت جي ڳالهه آهي، ٿورو غور فرمايو! هي زمين جتي اڄ اسان جو گهر آهي، اڄ کان ڪجهه صديون پهريان جي متعلق سوچو! ❁ اُن وقت هتي ڪير رهندو هو؟ شايد اسان کي خبر نہ هجي. ❁ڏسڻ ۾ ڪيئن ايندو هو ❁ ڪائيندو ڇا هو ❁ ان وٽ پيسا ڪيترا هئا؟ طاقت ڪيتري هئي؟ شايد اسان کي خبر نہ هجي. ❁ هاڻي اهو ڪٿي آهي؟ شايد ان جي قبر جا نشان بہ موجود نہ هجن، هي آهي دنيا....!! هاڻي ٿورو سوچيو، 2 سؤ سال پوءِ جي باري سوچو!! ❁ هاڻي جنهن گهر ۾ اسان رهون ٿا، 2 صدين کان بعد هتي ڪير رهندو هو؟ اسان کي خبر ناهي، ❁ اهو ڏسڻ ۾ ڪيئن ايندو؟ ❁ ان جو لائف اسٽائل ڪيئن هوندو؟ اسان کي خبر ناهي ❁ ان وقت اسان ڪٿي هونداسين؟ اتي ئي جتي اسان کان پهريان وارا پهتا ❁ شايد ان وقت اسان جي قبرن جا نشان بہ مٽجي چڪا هوندا. جيئن اڄ اسان هن دنيا ئي کي سڀ ڪجهه سمجهي وينا آهيون ❁ شايد اسان کان پهريان وارا بہ اهو ئي سمجهي رهيا هوندا ۽ ممڪن آهي اسان کان بعد وارا بہ اهو ئي سمجهي رهيا هوندا پر حقيقت اها آهي تہ هن دنيا نہ اسان کان پهريان وارن کان وفا ڪئي، نہ اسان کان بعد وارن کان وفا ڪندي ۽ نہ ئي اسان سان وفادار آهي. هي دنيا پهريان وارن جي لاءِ بہ هڪ دوکو هئي، اسان جي لاءِ بہ هڪ دوکو آهي.

## حضرت خضر عَلَيهِ السَّلَام ۽ نرالو عجوبو

هڪ پيري حضرت خضر عَلَيهِ السَّلَام کان سوال ٿيو: اوهان پنهنجي زندگي ۾ عجيب شي ڪهڙي ڏٺي آهي؟ فرمايائون: ❁ مان هڪ پيرو هڪ جڳهه کان گذريس، نهايت خوفناڪ، ويران جڳهه هئي. ❁ پوءِ 500 سال کان بعد ٻيهر اتان کان گذر ٿيو، هاڻي اتي نهايت خوبصورت سرسبز شهر ٺهي چڪو هو، مون اُتي ڪنهن کان پڇيو: هي شهر ڪڏهن کان ٺهيو آهي؟ ان نهايت حيرت مان

چيو: سُبْحٰنَ الله! اسان ۾ اسان جا ابا ڏاڏا صدين کان هتي رهيل آهن، هي انهيءَ حالت ۾ آهي. حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام فرمائن ٿا: مان اتان کان هليو ويس ❁ 500 سالن کان پوءِ وري منهنجو اتان کان گذر ٿيو. هاڻي اتي هڪ وڏو درياء هو، ماڻهو ان ۾ مڇيون پڪڙي رهيا هئا. مون هڪ ملاح کان پڇيو: هتي هڪ شهر هوندو هو اهو ڪٿي آهي؟ ان حيرت مان چيو: سُبْحٰنَ الله! ڇا هتي ڪڏهن شهر بہ هيو، مون ۾ منهنجي ابن ڏاڏن بہ ڪڏهن هن شهر جي باري ۾ ناهي ٻڌو. ❁ فرمائن ٿا: پوءِ مان وڌيڪ 500 سالن کان پوءِ اتان گذريس، هاڻي وري اتي هڪ شهر آباد هو.[1]

الله! الله! اهائي آهي دنيا...!! اسان سمجهون ٿا تہ صدين کان هتي سڀ ڪجهہ ايئن ئي آهي ۽ صدين کان بعد بہ ايئن ئي رهندو پر حقيقت اها ناهي، هي هڪ دوکو آهي، هي دنيا اَڄ اسان جي آهي، ڪالهہ اسان قبرن ۾ هونداسين ۽ هي دنيا ڪنهن ٻي جي ٿي ويندي. دارالقرار(يعني هميشہ رهڻ جو مقام) هڪ ئي آهي ۽ اها آخرت آهي. انهيءَ ڪري ڪامياب اهو آهي جيڪو هن دنيا کي حِرص ۽ هَوَس جي نگاهہ کان نہ بلڪ عِبرت جي نظر کان ڏسندو آهي.

## ڪامياب ڪير ٿيندو آهي

❁ حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو دنيا کي عبرت جي نگاهہ سان ڏسندو ۽ غور و فڪر ڪندو آهي اهو گهڻيون نيڪيون ڪرڻ ۾ ڪامياب (*Successful*) ٿي ويندو آهي ❁ حضرت مالِڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو هن دنيا کي عبرت جي نگاهہ سان ناهي ڏسندو، آخرت جو فڪر ناهي ڪندو، ان جون نيڪيون گهٽ ۽ دل پردي ۾ آهي.[2]

---

1 نوادر القليوبى، الحكاية السادسة و الثلاثون بعد المائة...الخ، صفحه:106
2 تنبيہ المغترين، صفحه:57

## عبرت حاصل ڪرڻ جي ترغيب

ڪاش! اسان کي نگاهِ عبرت حاصل ٿي وڃي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

يُقَلِّبُ اللّٰهُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿۴۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: الله رات ۽ ڏينهن کي مَٽائيندو آهي، بيشڪ ان ۾ اکين وارن جي لاءِ سمجهڻ جو مقام آهي، (سيپارو: 18، سورة نور، آيتِ: 44)

سيپارو 30، سورة نازعات، ۾ فرعون ۽ ان جي لشڪر (*Army*) جي غرق ٿيڻ جو واقعو ذڪر ڪرڻ کان بعد فرمايو:

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ﴿۲۶﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ ان ۾ ڊڄڻ وارن جي لاءِ عبرت آهي، (سيپارو 30، سورة نازعات، آيت: 26)

الله اڪبر! هي الله پاڪ کان ڊڄڻ وارا، اُولِي الْاَبْصَار (يعني غور ۽ فڪر ڪرڻ وارا، عبرت واري نگاهه رکڻ وارا)، هي الله پاڪ جي نشانين (*Signs*) کي ڏسي ڪري عبرت حاصل ڪندا آهن، ڏينهن آيو، هليو ويو، سج نڪتو، لهي ويو، رات آئي، گذري وئي، تارا نڪتا، لهي ويا، هي سڀ ڪجهه، ڪائنات (*Universe*) جو ذرو ذرو کليل ڪتاب آهي، ان ۾ اسان جي لاءِ نصيحت آهي، عبرت آهي، ڪاش! اسان ڊڄڻ وارا، عبرت حاصل ڪرڻ وارا، اُولِي الْاَبْصَار (يعني غور ۽ فڪر ڪرڻ وارا، دنيا کي عبرت جي نگاهه سان ڏسڻ وارا) بڻجي وڃون.

## عبرت جي نگاه جي متعلق اولياءِ ڪرام جا فرمان

❁ حضرت حاتِم اَصمّ رحمةُ الله عليه کان سوال ٿيو: ماڻهو اَهْلِ اِعْتبار (يعني عبرت

حاصل ڪرڻ وارو) ڪيئن بڻجندو آهي؟ فرمايائون: جڏهن اهو دنيا جي هر شيءِ جي انجام تي نگاهه رکي ۽ غور ڪري ته عنقريب هي شيءِ فنا ٿي ويندي ۽ ان جو مالِڪ به جلد ئي قبر ۾ دفنايو ويندو ❁ حضرت حاتِم اَصمّ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ئي فرمان آهي: جنهن جي گهران (Funeral) جنازو نڪري ۽ هو ان مان عبرت حاصل نه ڪري، اهڙي شخص کي عِلم (Knowledge)، حڪمت ۽ نصيحت جو ڪو فائدو ناهي.[1]

## جهنّم جي گرمي ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين

❁ الله پاڪ جا نبي حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام نهايت خوفِ خدا وارا هئا، هڪ ڏينهن پاڻ تَنُدُور جي پرسان گذريا، ان ۾ باهه ٻري رهي هئي، هي ڏسي ڪري ڪين جهنّم جي باهه جي ياد اچي وئي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي دل گهٻرائجي وئي، بي چيني (Restlessness) جي حالت ۾ زمين تي تشريف ڪٺي آيا ۽ ايترو تڙپيا جو قريب هو جو سندن عضون جا جوڙ (Dislocate) جُدا ٿي وڃن ها ❁ گرمي جي ڏينهن ۾ حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام اُسَ ۾ ايندا هئا ته چوندا هئا: اي الله پاڪ! اسان تنهنجي بڻايل سج جي گرمي برداشت نٿا ڪري سگهون ته جهنّم جي گرمي ڪيئن برداشت (Tolerate) ڪري سگهنداسين؟[2]

## هر گهر عبرت جو نشان آهي

حضرت سائب عَبدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن حضرت صالِح مُري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان وٽ تشريف وٺي آيا، مون پڇيو: اي ابو بَشر! اوهان ڪٿان کان پيا اچو؟ فرمايائون: مان پنهنجي گهران نڪتس ته مختلف جاين تان ٿيندو توهان وٽ

1 تنبيه المغترين، صفحه: 57 ـ
2 تنبيه المغترين، صفحه: 57 ـ

آيس، مان جڏهن فلاڻي جي گهر جي پرسان گذريُس ته ان گهرَ مون کي (زبانِ حال سان) پڪاري ڪري چيو: اي صالح! مون کان نصيحت حاصل ڪر! مون ۾ فلاڻا فلاڻا ماڻهو رهندا هئا، هاڻي هو انتقال ڪري چڪا آهن. پوءِ جڏهن فلاڻي گهر وٽ پهتس ته ان گهر به مون کي (زبانِ حال سان) پڪاري چيو: اي صالح! مون کان نصيحت حاصل ڪر! مون ۾ فلاڻا فلاڻا ماڻهو رهندا هئا، هاڻي اهي سڀئي مِٽيءَ ۾ دفن (*Buried*) آهن. حضرت ابو سائب عَبدي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: اهڙيءَ طرح پاڻ رحمۃ اللہ علیہ هڪ هڪ گهر ڳڻائيندا رهيا، ايستائين جو اسان جي گهر تائين پهچي ويا.[1]

جہاں میں ہیں عِبرت کے ہر سُو نمونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے
جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي بزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، ڪهڙي ڪهڙي انداز ۾ عبرت حاصل ڪندا هئا. هاءِ افسوس! هڪ اسان آهيون ❁ ويران گهر ❁ چلهه تي ٻرندڙ باھ ❁ سج جي اُسَ ❁ سردي، گرمي وغيره کان عبرت حاصل ڪرڻ ته پَري جي ڳالهه ❁ اسان جي اکين جي اڳيان جنازا کڄندا آهن، اسان عبرت حاصل ناهيون ڪندا ❁ پاڻ پنهنجي هٿن سان مُڙدا قبر ۾ لاهيندا آهيون، تڏهن به عبرت حاصل ناهيون ڪندا ❁ فلاڻو فلاڻي جو پٽ چڱو ڀلو هو، اوچتو دل جو دورو پيس (*Heart Attack*) ۽ مَري ويو ❁ فلاڻو نوجوان روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ انتقال ڪري ويو، اهڙيون ڪيئي خبرون اسان ٻڌندا رهندا آهيون، پوءِ به اسان موت کي ياد ناهيون ڪندا، عبرت حاصل ناهيون ڪندا.

---

1 حلية الاولياء،جلد:6، صفحه:182، رقم:8222۔

ڪاش! اسان عبرت حاصل ڪرڻ ۽ قبر ۽ آخرت کي ياد ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

دل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا
مغلوب شہا! نفسِ بدکار نہیں ہوتا

شیطان مُسلّط ہے افسوس! کسی صورت
اب صبر گناہوں پر سرکار نہیں ہوتا

اے رَبّ کے حبیب آؤ! اے میرے طبیب آؤ
اچھّا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا

گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی
پاکیزہ گناہوں سے کِردار نہیں ہوتا

یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے
دل آہ! مگر اب بھی بیدار نہیں ہوتا

وسائلِ بخشش، صفحہ:163۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب      صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهر ٺاهڻو هو، ديوار ٺاهي ويٺاسين.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي دنيا عبرت جو مقام آهي، هتي جڳهه جڳهه تي عبرت جا نشان موجود آهن، چون ٿا: **جيڪو عبرت ناهي وٺندو، ان کي نشانِ عبرت بڻايو ويندو آهي.** انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته هتي دل نه لڳايون، عبرت حاصل ڪيون ۽ آخرت جي تياري شروع ڪيون، هڪ شاعر نهايت خوبصورت ڳالهه ڪئي آهي، لکي ٿو:

اس جہانِ رنگ و بُو میں آکر
گھر بنانا تھا، دِیوار بنا بیٹھے

مفهوم: گهر ان کي چئبو آهي جاتي ڪو رهندو هجي ۽ ديوار هڪ رڪاوٽ هوندي آهي. مطلب اهو آهي ته اسان جو هن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد اهو آهي ته اسان پنهنجي دل کي پاڪ ڪيون ها، هن دل کي محبتِ الٰهي جو گهر بڻايون ها پر افسوس! اسان ته پنهنجي ۽ قربِ الٰهي جي وچ ۾ ديوارون بيهاري ڇڏيون آهن، حرص، هوس، دنيا جي محبت، دنيا جي فڪر، آخرت کان بي فڪري، غفلت هي سيئي ديوارون آهن، جيڪي اسان کي قربِ الٰهي کان، الله پاڪ جي

محبت کان روڪينديون آهن.

مقامِ پرورشِ آہ و نالہ ہے یہ چمن
نہ سیرِ گل کے لئے ہے نہ آشیاں کے لئے (1)

وضاحت: آهہ و نالہ جو مطلب: عشق. يعني اسان هن دنيا ۾ سيروتفريح جي لاءِ ناهيون آيا، هتي گهر ڪونيون، بنگلا ناهڻ جي لاءِ ناهيون آيا بلڪ اسان هتي انهيءَ ڪري آيا آهيون تہ جيئن پنهنجي دل ۾ اللّٰہ پاڪ جي محبت پروان چاڙهيون، ڏينهن بہ ڏينهن ان محبت ۾ اضافو ٿي ڪندا وڃون. هن ڪم جي لاءِ اسان هن دنيا ۾ آيا آهيون.

## امام حسن بصري رحمۃ اللہ علیہ جي نصيحت

حضرت ربيع بن صبيح رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: اسان حضرت حسن بصري رحمۃ اللہ علیہ کي عرض ڪيو: اسان کي نصيحت فرمايو تہ انهن فرمايو: ❁ توهان مان جيڪو تندرست (**Healthy**) آهي ان کي بيماري لڳندي جيڪا کيس مصيبتن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي ❁ نوجوان کي پوڙهائپ ايندي جيڪا کيس فنا ڪري ڇڏيندي ❁ ۽ پوڙهي کي موت اچي ويندو جيڪو ان کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو ❁ ڇا انجام اهڙو ناهي جهڙو توهان ٻڌي رهيا آهيو؟ ❁ ڇا سياڻي روح جسم کان جُدا نہ ٿيندو؟ ❁ ڇا ٻانهو پنهنجي اهل ۽ مال (**Family & Wealth**) کان پري نہ ٿيندو ❁ ڇا سياڻي ڪفن ۾ نہ ويڙهيل هوندو؟ ❁ ڇا سياڻي قبر ۾ نہ هوندو؟ ❁ ڇا جن جي لاءِ ٻانهو ڪوشش ڪندو رهندو هو ۽ غمگين ٿيندو هو انهن جي دلين مان سندس ياد مِٽجي نہ ويندي؟ ❁ اي انسان! جڏهن توکي موت ايندو تہ تون نہ ڪنهن اچڻ واري جو استقبال ڪري سگهندين، نہ ڪنهن جي ملاقات

---

1...ڪلياتِ اقبال،بالِ جبريل، صفحہ:379 ملتقطاً۔

(*Meeting*) جي لاءِ وجي سگهندي ۞ نہ ڪنهن سان گفتگو ڪري سگهندي ۞ توکي پڪاريو ويندو پر تون جواب نہ ڏئي سگهندي ۞ بيشڪ تنهنجي حق ۾ شهرَ ويران (*Deserted*) ٿي ويا ۞ تنهنجون اڪيون ڪليل رهجي ويون ۞ روح پرواز ڪري ويو ۞ تنهنجو اولاد (*Children*) يتيم ٿي ويا، اسان ۽ رحم ۽ ڪرم تي رهجي ويو.[1]

## قبر جو جواب

حضرت مالِڪ بن دينار رحمۃ اللہ علیہ هڪ ڀيري موت جي باري ۾ غور ۽ فڪر ۽ عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ قبرستان (*Cemetery*) تشريف وٺي ويا ۽ اتي وڃي ڪري هي شعرَ پڙهيائون:

| | |
|---|---|
| اَتَيْتُ الْقُبُوْرَ فَنَادَيْتُهَا | فَاَيْنَ الْمُعَظَّمُ وَ الْمُحْتَقَرْ |
| وَ اَيْنَ الْمُدِلُّ بِسُلْطَانِهٖ | وَ اَيْنَ الْعَزِيْزُ اِذَا مَا افْتَخَرْ |

**ترجمو:** مان قبرن وٽ آيُس ۽ انهن کي پڪاري ڪري چيو: ڪٿي آهن اهي ماڻهو، دنيا ۾ جن جي عزت ڪئي ويندي هئي ۽ ڪٿي آهن اهي ماڻهو جن کي دنيا ۾ حقير (*Substandard*) سمجهيو ويندو هو؟ ۽ ڪٿي آهن اهي بادشاهه جن کي پنهنجي حڪومت تي ڀروسو ۽ ناز هو؟ ڪٿي آهن اهي عزت وارا جيڪي فخر ڪندا هئا؟

حضرت مالڪ بن دينار رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هڪ قبر مان آواز آيو: اهي سيئي فنا ٿي ويا ۽ فنا ٿي ڪري عبرت جو نشان بڻجي ويا، هاڻي انهن جي خبر ڏيڻ وارو بہ ڪو نہ رهيو ۽ هو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي ويا. اي گذريل

1 حلية الاولياء،جلد:6،صفحه:331 ،رقم:8812۔

ماڻهن جي باري ۾ پڇڻ وارا! ڇا تو وٽ هنن گذري وڃڻ وارن جا عبرتناڪ حالات ۽ واقعات نہ پهتا.[1]

| | |
|---|---|
| پہلوانوں کو پچھاڑا موت نے | کھیل کتنوں کا بگاڑا موت نے |
| ہاتھی جیسے بھی نہ چھوڑے موت نے | کیسے کیسے گھر اجاڑے موت نے |
| قبر میں میت اترنی ہے ضرور | جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب          صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبرستان ۾ حاضري ڏيندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! اسان جا اسلاف، بزرگانِ دين، الله جا نيڪ ٻانها ڪهڙي ڪهڙي انداز ۾ عبرت حاصل ڪندا هئا، هي حضرات قبرستان ويندا، پنهنجي موت کي ياد ڪندا ۽ ان مان (*Lesson*)سبق حاصل ڪندا هئا. ڪاش! اسان بہ عبرت حاصل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، قبرستان ويندا ڪريون، قبر ۾ پيش اچڻ وارن معاملن جي متعلق غور ۽ فڪر ڪيون ۽ پنهنجي موت کي ياد ڪيون. شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري رضوي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي سمجهائيندي فرمائن ٿا: اسان وٽ قبرستان جي حاضري عام طور تي رسمي طور (*Formality*) تي ٿيندي آهي. قبرستان وڃڻ چڱي ڳالهہ آهي پر ان مان عبرت بہ حاصل ڪئي وڃي ۽ پنهنجي موت کي بہ ياد ڪيو وڃي ڇوتہ قبرستان جي حاضري جو اصل مقصد (*Purpose*) اهو ئي آهي. حديث پاڪ ۾ هن طرح جو مضمون موجود آهي تہ پهريان مان توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪندو هيُس، هاڻي اجازت (*Permission*) ڏيان ٿو تہ وڃو ۽ قبرن جي زيارت ڪيو جو قبرن کي ڏسڻ

---

1 الروض الفائق،صفحہ:25 ملخصًا۔

دلين کي نرم ڪندو ۽ اکين ۾ ڳوڙها آڻيندو آهي.[1]

قبرستان وڃي ڪري پنهنجي موت کي ياد ڪرڻ گهرجي، پر افسوس! هاڻي ته قبرستان ۾ جهيڙا جهڳڙا (*Fights*) به ٿي رهيا هوندا آهن. ماڻهو قبرستان ۾ ڪائي پي رهيا هوندا آهن ۽ مذاق مشڪري ڪري رهيا هوندا آهن. ڪجھ ماڻهو ته قبرستان ۾ جُوا ڪيڏيندا (*Gambling*)، شراب ۽ هيروئن پيئندا، مافيا جا اڏا ٺاهيندا ۽ هٿيارَ به لڪائيندا آهن. ائين بلڪل به نه هجڻ گهرجي، بلڪ هن طرح عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي ته ❁ جيئن هي اڄ قبرن ۾ پيا آهن، سڀاڻي مان به ائين پيو هوندُس ❁ هي جيڪي مٽيءَ جا ڍيرَ نظر اچي رهيا آهن، انهن ۾ هڪ ڍيرَ جو اضافو ٿي ويندو ❁ پڪل ٽٽل قبرن کي ڏسي ڪري سوچيو ته ڪهڙا ڪهڙا حسين نوجوان هتي مٽي ۾ ملي ويا ❁ منهنجا اعمال ته اهڙا آهن، جيڪڏهن ربّ ناراض ٿي ويو ته خبر ناهي قبر ۾ ڇا ٿيندو! پوءِ پنهنجي لاش (*Dead body*) کي تصور ۾ آڻي، لاش جي ڦاٽڻ، اکين جي وهڻ، ڏندن جي نڪرڻ ۽ وارن جي ڇڻڻ کي ياد ڪيو، ائين پنهنجي بي وسي (*Helplessness*) جو تصور ڪيو ۽ عبرت حاصل ڪيو. الله ڪريم اسان کي عبرت حاصل ڪرڻ ۽ عبرت قبول ڪرڻ واري دل ۽ ذهن عطا فرمائي.[2]

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم

قبر میں میت اُترنی ہے ضرور | جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور

## شَعبَانُ الْمُعَظَّم جا ڪجھ فضائل

**پيارا اسلامي ڀائرو!** شَعۡبَانُ المُعَظَّم اچي چڪو آهي. ❁ نهايت عظمتن وارو ❁ برڪتن وارو مهينو آهي ❁ هي مهينو بطورِ خاص عبرت وٺڻ جو مهينو

---

1... مسندِ امام احمد،مسند انس بن مالک، جلد:5 ،صفحہ:689 ،حدیث:13835ملتقطاً۔
2 ملفوظاتِ امیرِ اہلسنت،(قسط:62) ،کیا جنات کو بھی موت آتی ہے ؟،صفحہ:5۔

آهي. ۞ هن مهيني ۾ هڪ رات اها ايندي آهي جنهن ۾ اعمالناما تبديل ٿيندا آهن، آئنده سال ڪير زنده رهندو، ڪير موت جي حوالي ٿي ويندو، ان جو فيصلو ڪيو ويندو آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

فِيۡهَا يُفۡرَقُ كُلُّ اَمۡرٍ حَكِيۡمٍ ۙ﴿۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: ان رات ھر حڪمت وارو ڪم ورھايو ويندو آھي.
(پاره:25، اَلدُّخَان:4)

صراط الجنان ۾ آهي: هن برڪت واري رات ۾ سڄي سال ۾ ٿيڻ وارو هر حڪمت وارو ڪم جيئن ۞ رزق ۞زندگي ۞موت ۞ ۽ ٻيا احڪام انهن ملائڪن جي وچ ۾ ورهايا ويندا آهن جيڪي انهن ڪي ڪرڻا هوندا آهن.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي عبرت جو مهينو آهي، اسان کي عبرت وٺڻ گهرجي، دنيا جي دوکي ۽ خواب مان نڪري ڪري نيڪ ڪمن جي طرف وڌڻ گهرجي. لهٰذا هن بابرڪت مهيني ۾ خوب توبه ۽ استغفار ڪيو! ۞ تلاوتِ قرآن جو مهينو آهي، خوب تلاوت ڪيو! ۞ درود پاڪ پڙهڻ جو مهينو آهي، ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻايو! ۞ نفل روزن جو مهينو آهي، خوب نفل روزا به رکو! اِنۡ شَآءَاللهُ الْڪَرِيۡم! ڪوڙ ساريون برڪتون نصيب ٿينديون.

## شعبان المعظم جي روزن جا فضائل

۞ مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشه صديقه رضی اللہ عنہ فرمائن ٿيون: مون پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي شعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نه ڏٺو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم سواءِ ڪجھ ڏينهن جي سڄي ئي مهيني جا روزا رکندا هئا.[2] ۞ هڪ ڀيرو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سوال ٿيو: رمضان کان پوءِ ڪهڙا روزا افضل

1 صراط الجنان، پاره:25، سورهٔ دخان، زيرآيت:4، جلد:9، صفحه:179۔
2 ترمذی، کتاب:الصوم، باب:ماجاء فی وصال شعبان برمضان، صفحه:206، حديث:736۔

آهن؟ فرمايائون: رمضان جي تعظيم جي لاءِ شعبان جا روزا رکڻ.[1]

مىں رحمت، مغفِرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ
بَراءَت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنّم سے
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ
عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دل
رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرمادے کرم مولیٰ (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسة المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! موت جي ياد دل ۾ ويهارڻ، قبر ۽ آخرت جي تياري فرمائڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ (***Linkup***) ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! زندگي ۾ مدني انقلاب ايندو، الله پاڪ چاهيو تہ دنيا کان بي رغبتي جي دولت بہ ملندي ۽ اخلاق ۽ ڪردار بہ سنورجي ويندا. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسة المدينہ بالغان بہ آهي جنهن ۾ درست تجويد و قرات سان قرآن پاڪ پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي.

❁ حديث پاڪ ۾ آهي: توهان مان بهتر اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.[1]

---

1...ترمذی، کتاب: زکوٰۃ، باب: فضیلتِ صدقہ، صفحہ:189، حدیث:663۔
2...ترمذی، کتاب: زکوٰۃ، باب: فضیلتِ صدقہ، صفحہ:189، حدیث:663۔

❁ قرآنِ مجيد الله پاڪ جو ڪتاب آهي. ❁ ٻانهن جي نالي ربّ ڪريم جو پيغام آهي. ❁ پر افسوس! اَڄ مسلمان قرآن پاڪ کان پري ٿيندا پيا وڃن. ❁ ڪيئي ماڻهن کي ڏسي ڪري ٻه صحيح قرآن پڙهڻ نٿو اچي ❁ جيڪي پڙهي سگهن ٿا اهي ٻه تجويد ۽ مخارج جون اهڙيون غلطيون ڪندا آهن، جن جي سبب نماز ئي ناهي ٿيندي. ❁ اَلحَمۡدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي قرآن جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ❁ مسجدن، دڪانن ۽ مارڪيٽن وغيره ۾ مدرسة المدينہ لڳايا ويندا آهن. ❁ صرف 35 کان 45 منٽن جي ڪلاس هوندي آهي. ❁ اُن ۾ صحيح تجويد ۽ قرات سان قرآن پڙهڻ ٻه سيکاريو ويندو آهي ❁ فرض علوم ٻه ٻڌايا ويندا آهن ❁ سنتون ۽ آداب ٻه سيکاريا ويندا آهن ۽ ❁ ترجمي ۽ تفسير ٻڌڻ جو ٻه موقعو ملندو آهي❁ اوهان ٻه ان ۾ شرڪت ڪيو اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ڪوڙ ساريون برڪتون ملنديون.

## فيشن پرست جي زندگي ۾ بهار اچي وئي

آفندي ٽائون (حيدرآباد، اندروني سنڌ، پاڪستان) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: آئون هڪ فيشن پرست (***Fashionable***) نوجوان هئس، دُنيا جي موج مستي ۾ گُم، پنهنجي آخرت جي اَنجام کان غافل زندگي جا ڏينهن گذاري رهيو هيس منهنجي گناهن ڀري زندگي ۾ بهار هيئن آئي جو مون کي مَدرَسةُ المدينہ بالغان ۾ داخلا جي سعادت ملي وئي، بَس منهنجي تہ خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو. مَدرَسَةُ المدينہ بالغان جي برڪتن منهنجي دل جي اونداهہ کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چراغ سان مُنوَّر ڪري ڇڏيو. ان ۾ مون کي قرآنِ ڪريم جي تعليم سان گڏوگڏ سُنتن تي عمل جو جذبو ٻه مليو ۽

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ پڙھڻ جي برڪت سان منھنجي زندگي ۾ مدني بھار اچي وئي، فيشن پرستي ۽ موج مستي کان نجات حاصل ٿي وئي.

ترا شکر مولیٰ دیا مدنی ماحول
نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے
نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول

(وسائلِ بخشش،صفحہ: 647-648)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”ڪلام رضا“ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلحَمدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رھي آھي. ھن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ جي طرفان مختلف ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آھن، ھنن ۾ ھڪ ايپلي ڪيشن آھي: ***Klam-e-Raza*** (ڪلامِ رضا). ھن ايپلي ڪيشن ۾ امام اھل سُنت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مشھور زمانہ نعتيہ مجموعو حدائق بخشش ڪي حروفِ تھجي جي ترتيب تي شامل ڪيو ويو آھي. ھن ايپلي ڪيشن ۾ پنھنجو مطلوبہ ڪلام سرچ (***search***) ڪرڻ ❁ مخصوص ڪلامن ڪي آڊيو ويڊيو ۾ ٻڌڻ ڏسڻ ❁ ۽ پسنديده ڪلامن ڪي فيورٽ (***Favorite***) ڪري الڳ سان محفوظ ڪرڻ جي سھولت بہ موجود آھي. ❁ ھن ايپلي ڪيشن ۾ مدني چينل (***Madani Chanal***)تي ھلڻ واري سلسلي نغماتِ رضا (جنھن ۾ حدائق بخشش جي منتخب ڪلامن جي شرح بيان ڪئي وئي آھي ان) ڪي

شامل ڪيو ويو آهي ۞ مڪمل ڪلام يا منتخب شعر ڪي سوشل ميڊيا (Social Media) تي آساني سان شيئر ڪري سگهجي ٿو. هن ايپ کي ڊائون لوڊ ڪيو ۽ پنهنجي دل کي الله پاڪ جي آخري نبي رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۾ روشن ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عمامو شريف ٻَڌڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (1): عمامو ٻڌو! توهان جو حِلم وڌندو. (مستدرک،کتاب:اللباس،جلد:5،صفحہ:272،حديث:7488۔) (2): عمامي سان گڏ ٻه رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهن.

(فردوس الاخبار،جلد:2صفحہ:265 ،حديث:3233)

اي عاشقانِ رسول! عمامو شريف ٻڌڻ سنّتِ مصطفٰي آهي ۞ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ مٿي مبارڪ تي ٽوپي مبارڪ تي عمامو

---

1...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

سجائي ڪري رکيو ❁ سفر ۽ مقيم واري حالت ۾ بہ مٿي مبارڪ تي عمامو شريف سجيل هوندو هو ❁ پاڻ صَلَّى الله عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ عمامي شريف ۾ شِملو ڇڏيندا هئا جيڪو ڪڏهن هڪ ڪُلهي تي، ڪڏهن ٻنهي ڪُلهن جي وچ ۾ هوندو هو ❁ پاڻ صَلَّى الله عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ مختلف موقعن تي مختلف رنگ جو عمامو شريف استعمال فرمائيندا هئا.

عمامو شريف ٻڌڻ جا فضائل ۽ ان جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب عمامي جا فضائل جو مطالعو ڪيو! مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سُنتیں قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد